Google View this page in: English Translate Turn off for: Sindhi Options



# غلام حسين مشتاق سچاروي

غلام حسين مشتاق سچاروي : نامور اديب غلام حسين ’مشتاق‘ سچارويءَ جو پورو نالو غلام حسين ولد رئيس پيو خان آهي. هو 10 مئي 1937ع تي ڳوٺ شهداد خان برهماڻي، پاٽ شريف، ضلعي دادوءَ ۾ ڄائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري، سنڌي فائنل امتيازي نمبرن سان پاس ڪيائين. ان ڪانپوءِ هن سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان ايم. اي (عربي)، ايم. اي (اردو) ۽ ايل. ايل. بي جون سنڌون حاصل ڪيون. هيءُ عربي، فارسيءَ جو عالم، فاضل آهي. ڏهه سال هاءِ اسڪول ۽ ڪاليجن ۾ استاد رهيو، 1968ع کان 1978ع تائين پاڪستان آرميءَ جي ڪئپٽن جي عهدي تان ميڊيڪل گرائنڊ تي رٽائر ٿيو. انهيءَ دوران فيڊرل ايجوڪيشن منسٽريءَ ۾ اسسٽنٽ ايجوڪيشن ايڊوائيزر ۽ فارين اسٽوڊنٽ ايڊوائيزر طور ڊيپوٽيشن تي ڪم ڪيائين. ڏهه سال ميرپورخاص ۾ فرسٽ ڪلاس اعزازي مئجسٽريٽ رهيو، انهيءَ دوران سنڌ گريجوئيٽ ميرپورخاص، فاران ڪلب انٽرنيشنل ميرپورخاص، لطيف ڪائونسل، روٽري ڪلب ميرپورخاص، ڊسٽرڪٽ ڊس ايبلڊ ۽ ريهيبليٽيشن سينٽر ميرپورخاص ۽ هلال احمر جهڙن ادارن جو صدر ۽ جنرل سيڪريٽري به رهيو. پبلڪ اسڪول ميرپورخاص جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر ۽ ڪيترين سماجي تنظيمن جو ميمبر رهيو. 1988ع کان 1998ع تائين روزاني اخبار ’سرواڻ‘ جو چيف ايڊيٽر رهيو. 1990ع کان هاءِ ڪورٽ جو وڪيل آهي. هن جي لکيل ڪتابن ۾: ’جام ڪوثر‘، ’آب ڪوثر‘، ’موتي مٽيادار‘، ’اڪر اڪر عشق‘، ’موتي مرجان‘، ’گلزار حبيب‘، ’سوز ساز جا نغما‘، ’صحيفه عشق سنڌي‘ شامل آهن. ان ڪانسواءِ نثر ۾ ’آداب رسول الله صلي الله عليه وسلم‘، ’معراج النبي صلي الله عليه وسلم‘، ’حضرت علي عليه السلام جو نظام حڪومت‘، ’لوائح جامي جو منظوم ۽ نثري ترجمو‘، ’اسلامي تصوف‘ ڪتاب شامل آهن. ان ڪانسواءِ هي ’انجمن آفتاب ادب حيدرآباد‘ جو جنرل سيڪريٽري به آهي.

هن صفحي کي شيئر ڪريو

| | |
|---|---|
| داخلا نمبر | 13571 |
| عنوان | غلام حسين مشتاق سچاروي |
| شاخ | اديب |
| پڙهيو ويو | 381 ڀيرا |
| داخلا جو حوالو | انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جلد ستون |



سچاروي غلام حسين مشتاق

## داخلا ۾ استعمال ٿيل تاريخون

عيسوي 1937.05.10

نامور اديب غلام حسين ’مشتاق‘ سچارويءَ جو پورو نالو غلام حسين ولد رئيس پيو خان آهي. هو 10 مئي 1937ع تي ڳوٺ شهداد خان برهماڻي، پاٽ شريف، ضلعي دادوءَ ۾ ڄائو.

## اديب - ڀاڱي جون ٻيون داخلائون

پناهُ محمد اسماعيل
چنا گل محمد
حميد ابڙو
نصير سومرو 2
جهانگيائي سنتداس
جاموٽ ڪمال
ڪاشف حسين سومرو
چيتن ماڙيوالا
مرتضيٰ سيال
ساقي سجاولي
اديب ڀاڱي جا وڌيڪ مضمون